ميڙ(رپورٽر) ميڙ پرسان ڳوٺ مريد لاکير ۾ ضلعي ڪائونسل دادو جي اڳوڻي چيئرمين سردار محمد اشرف سولنگي روزاني سنڌيار سان گفتگو ۾ چيو آهي ته مان 3 سيٽن لاءِ فارم جمع ڪرايا آهن، منهنجي خواهش آهي ته مان اليڪشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

نوشهروفيروز ۾ آل پاڪستان واپڊا ورڪرز يونين پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

اسان جي ملازمن ڪان موڪلن واري ڏينهن به ڪم ورتو وڃي ٿو ۽ ملازمن کي ڏورانهن علاقن ڏانهن ڪم ورتو وڃي ٿو: مظاهرين

واپڊا جا ملازم جان جي خطري ۾ وجهي فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن پر ان جي باوجود اسان جا جائز مطالبا تسليم نہ ڪيا پيا وڃن

فوري طور تي ملازمن جا جائز مطالبا ميجيا وڃن ۽ واپڊا جي ممڪنہ نجڪاري جو فيصلو واپس ورتو وڃي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) آل پاڪستان واپڊا ورڪرز يونين سپيڪر سب ڊويزن آفيسانڊ تي عمل نہ ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ چارٽر آف ڊيمانڊ تي عمل نہ ڪرڻ خلاف احتجاج ڪندي نوشهروفيروز پاران واپڊا جي نجڪاري ۽ چارٽر آف ڊيمانڊ تي عمل نہ ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06



نوشهروفيروز: واپڊا جي نجڪاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گلاب لغاري مان 3 نامعلوم چور ريزگي دڪان جا تالا ٽوڙي 50 هزار رپين جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا

گلاب لغاري(رپورٽ گلزار لغاري) گلاب لغاري لڳ ڪالرو موري مان گڏيل رات دير سان 3 نامعلوم چور ريزگي دڪان جا تالا ٽوڙي 50 هزار رپين جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا تفصيل موجب گلاب لغاري ٿاڻي جي حد پوليس چيڪ پوسٽ ڪالرو موري جي حد ڪالرو موري شهر مان گڏيل رات دير سان نامعلوم چور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ميڙ ۾ ٽرسٽيز فورم پاران عوامي اسيمبلي 18 جنوري ڪوٺائڻ جو فيصلو

"جنرل اليڪشن 2024 ايجنڈا ۽ ٽرجا مسئلا" جي عنوان هيٺ عوامي اسيمبلي ڪوٺائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اليڪشن ايجنڈا بابت منشور واضح ڪرڻ لاءِ دعوت ناما ڏئي موقف ۽ منشور واضع لاءِ موقعو فراهم ڪبو: اڳواڻ

عوامي اسيمبلي ۾ ضلعي جي اهم مسئلن ٽرمپ پائي، زمين، ماحوليات ۽ صحت، تعليم سميت مختلف بنيادي اٽاريا ويندا

ميڙ(رپورٽ صادق بجير) ميڙ ٽرسٽيز فورم پاران "جنرل اليڪشن 2024 ايجنڈا ۽ ٽرجا مسئلا" جي عنوان هيٺ عوامي اسيمبلي 18 جنوري 2024 خميس ڏينهن بينظير ڪلچرل ڪامپليڪس ميڙ ۾ ڪوٺائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

شڪارپور ۾ سنڌ فوڊ ڪنٽرول اٽارٽي پاران ڪارروائي، ڪيميڪل تي مشتمل ڪير جو ٽينڪر هٽ

سنڌ فوڊ ڪنٽرول اٽارٽي شڪارپور جي ٽيم ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٽارٽي آغا فخر حسين جي هدايتن تي ڪارروائي ڪئي وئي

سائيٽ ايريا مان خطرناڪ ڪيميڪل ملايل ڪير جو ٽينڪر هٽ، ٽينڪر ۾ نقصانڪار ڪيميڪل ملايل 1000 ليٽر ڪير ضايع ڪيو ويو

خبردار ڪيون ٿا تہ هو پنهنجي سرگرمين کان پاسو ڪن ٻئي صورت ۾ انهن خلاف سنڌ فوڊ اٽارٽي ايڪٽ تحت ڪارروائي ڪئي ويندي

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ سنڌ فوڊ ڪنٽرول اٽارٽي پاران ڪارروائي، نقصانڪار ڪيميڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19



شڪارپور: فوڊ اٽارٽي جا عملدار ڪارروائي ڪري رهيا آهن

سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبر جو انٽرنيشنل هيومين رائيٽس آرگنائيزيشن جي آڳواڻن نوٽيس ورتو، تفصيل موجب هڪ معزز ڪامل

سانگھڙ(رپورٽر) سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبر جو انٽرنيشنل هيومين رائيٽس آرگنائيزيشن جي آڳواڻن نوٽيس ورتو، تفصيل موجب هڪ معزز ڪامل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

طالب المولي جو سنڌ جي ڌرتيءَ ۽ عوام سان والهانہ پيار ۽ عشق هو: مخدوم سعيد الزمان

مخدوم محمد زمان طالب المولي سائينءَ جي علم ۽ ادب لاءِ ڪيل خدمتن جو مختصر ذڪر ڪرڻ ٿو

مخدوم صاحب علم ۽ روحانيت جا مالڪ هئا، تنهنڪري سندس مطالعو نہ صرف دنيوي علومن تائين هو

مخدوم محمد زمان طالب المولي پنهنجي زندگيءَ ۾ سياسي، سماجي، ادبي ۽ خاندااني ذميوارين فرض سمجهي ادا ڪيون

جام شوروا(ب ر) سروري تنظيم ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" سنڌي بولي، جي نامياري شاعر، ماهر لسانيات، عظيم سياستدان ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمين مخدوم محمد زمان طالب المولي جي ورسي، جي مناسبت سان جاري ڪيل

ٺٽو: رسول بخش جاکرو پاران پاڪستان مسلم ليگ ن جي مرڪزي اڳواڻن سان ملاقات

پاڪستان پيپلز پارٽي کي عوام جي مفادن خاطر خدا حافظ چئي پاڪستان مسلم ليگ ن ۾ شموليت ڪئي آهي: رسول بخش جاکرو

پ پ اميدوارن جي سامهون ٻيهي مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪير ۽ تيار ناهي، پر مون هميت ڪري انهن سان مقابلي جو فيصلو ڪيو آهي

ٽڪيٽون حاصل ڪري نشان وٺي اليڪشني سرگرمين شروع ڪيون ويندين، چونڊن ۾ ڪامياب ٿي عوام جي خدمت ڪندا سين

ٺٽو(ڊ) پاڪستان مسلم ليگ ن ضلعي ٺٽي جي اڳواڻ اين اي 225 ٺٽو جي نامزد اميدوار وڏيرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25



ٺٽو: ملاقات دوران اڳواڻ جاورتل فوٽو

سکر ۾ سول اسپتال جو ريڊيالاجي شعبو ڇهن مهينن کان غيرفعال

اسپتال جي اڪثر شعبن ۾ مريضن کي علاج معالجي جون سهولتون اڻ لڀ ٿي ويون

ايمرجنسي اليڪٽرو آپريشن ٿيٽر سميت ماڊرن او ٽي ۽ جنرل او ٽي تيار نہ ٿي سگهيا

200 بيڊن تي مشتمل ورٽيڪل بلڊنگ جي تعمير وارو پراجيڪٽ بند ٿي ويو، اختياريون خاموش

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ سول اسپتال جو ريڊيالاجي شعبو ڇهن مهينن کان غيرفعال، اسپتال جي اڪثر شعبن ۾ مريضن کي علاج معالجي جون سهولتون اڻ لڀ، ايمرجنسي اليڪٽرو آپريشن ٿيٽر سميت ماڊرن او ٽي ۽ جنرل او ٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دادو ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي چونڊ، عهديدار چونڊيا ويا

تنظيم سازي اسان جو مقصد نہ آهي پر اصل مقصد کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي: اڳواڻ

حضرت محبوب سچڻ سائين رب ڪريم جي ذڪر جو پيغام پوري دنيا ۾ پهچائي رهيا آهن

اسان جو اصل مقصد رب ڪريم جو راضپو ۽ تبليغ دين ڪرڻ آهي

دادو(ن سنڌيار) جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون 1 پاران برانچ سرپرست ڳوٺ قصبو ۽ ڳوٺ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32



دادو: گڏجاڻي دوران اڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، ڌهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
جمع 12 جنوري 2024ع

عام چونڊن جي حوالي سان پيدا ٿيل نئين صورتحال

ايم بي سومرو

پنجاب، کي پي کي سوڏو چٽني صوبن ۾ وفاق ۾ قائم نگران حڪومتون ملڪي تاريخ جي طويل ترين حڪومتون هجڻ جو رڪارڊ قائم ڪري رهيون آهن. پاڪستان جي آئين سازن شايد ڪڏهن سوچيو به هجي يا انهن جي ذهن ۾ به اها ڳالهه آئي هجي ته آئين ۾ جنهن محدود مدت لاءِ نگران حڪومت جو تصور ڏنو پيو وڃي، آئين جي ان تصور جي ابتڙ اهڙي صورتحال پيدا ڪئي ويندي. جنهن سان نگران حڪومتن جي مدي ۾ اضافو ٿي ويندو ۽ سياسي پارٽيون ان صورتحال کي اڪين سان ڏسنديون رهنديون.

جيتوڻيڪ 8 فيبروري 2024ع تي عام چونڊون رٽيل آهن پر هي وقت اهو يقين سان نٿو چئي سگهجي ته نگران حڪومتن جو آخري مهينو ڪهڙو هوندو؟ چو ته ملڪ اندر سياسي، صحافتي حلقن توڙي عام ماڻهن جي ڪجهرين ۾ وري اهو سوال بحث هيٺ اچڻ لڳو آهي ته ملڪ اندر 8 فيبروري تي رٽيل عام چونڊون ٿي سگهنديون يا نه؟ انهيءَ بحث ۾ اضافو ٿيڻ جا ڏينهون ڏينهن نت نوان سبب سامهون اچي رهيا آهن. پهريان ته چونڊ ٿي سگهندي يا نه؟ واري بحث ۾ اضافو سينيٽ پاران چونڊون ملتوي ڪرڻ لاءِ منظور ڪيل ٺهراءَ سبب ٿيوان بعد اوچتو اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري عمر حميد پاران ڏنل استعيفا انهن ڳالهين کي هٿي ڏني آهي پر هڪ اهڙو مامرو به صحافتي سياسي ۽ حلقن ۾ هٻڪ لاءِ ملي رهيو آهي، جيڪو نه رڳو واقعي ٿي انتهائي اهم پر اگر ان مامري عملي صورت ورتي ته پوءِ سپريم ڪورٽ جو اهو فيصلو ته 8 فيبروري تي چونڊ پٿر تي ليڪو آهي. باوجود ملڪ ۾ وقت تي چونڊ ٽيندي نظر نٿي آڇي. سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن جي استعيفا بعد پي ٽي آءِ جي وڪيل سردار لطيف کوسا اهو چيو آهي ته، "وڌيڪ استعيفائون به اچڻ واريون آهن". مان ان مامري کي وڌيڪ چٽو ڪري اوهان سامهون رکان ٿو. سياسي ۽ صحافتي حلقن ۾ اهي امڪان ڏيکاريا پيا وڃن ته چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ صوبن مان مقرر اليڪشن ڪميشن جا ميمبر به استعيفا ڏئي سگهن ٿا. اگر چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ هين ميمبرن استعيفائون ڏنيون ته اليڪشن ڪميشن اٿوري ٿي ويندي. جڏهن اليڪشن ڪميشن ٿي نه هوندي ته وقت تي عام چونڊون ڪيئن ٿي سگهنديون؟ نه رڳو ائين ٿيڻ سان چونڊون التوا جو شڪار ٿي ويندڙ پر ملڪ اندر آئيني ۽ سياسي بحران به جنم وٺندي نظر اچي رهيو آهي. اگر چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ميمبرن استعيفائون ڏنيون ته آئيني ۽ سياسي بحران اهو پيدا ٽيندو ته چيف اليڪشن ڪمشنر جي مقرري وزير اعظم ۽ اپوزيشن ليڊر کي ڪرڻي هوندي آهي. هن وقت نه وزير اعظم آهي. نه اپوزيشن ليڊر آهي. اڳوٽو وزير اعظم ۽ اپوزيشن ليڊر راجا رياض باضابطه طور 'ن' ليگ ۾ شامل ٿي چڪو آهي. جڏهن ته اڳوٽو وزير اعظم پڻ 'ن' ليگ جو صدر آهي. انهن استعيفائن واري مامرو واقعي اهڙو مامرو آهي، جنهن سان چونڊون دير جو آفيسر کان بچاءُ ٿو ڪيو ته ڪيترين جي آءِ ٽيز ناهيون ويون آهن؟ جاچ آفيسر جي آءِ ٽيز ۾ 30 جي آءِ ٽيز ۾ 12 صوبائي ٽاسڪ فورس جا اجلاس ٿي چڪا آهن. ثاقب آفريدي جي وارنٽ جيو ته ثاقب آفريدي به 2015 کان سجل واري علاقي مان گر آهي. عدالت ايس پي جاچ ڪيل پڇاڻو ڪيو ته گر ٽيل شهرين جي بازيابي لاءِ ڪهڙا قدم کنيا ويا، ايس پي جاچ جيو ته 22 جي آءِ ٽيز ۾ 15 صوبائي ٽاسڪ فورس جا اجلاس ٿي چڪا آهن. ڳولا جاري آهي، عدالت جيو ته 22 جي آءِ ٽيز ڏهن پاڻ باوجود گر ٽيل شهرين جو پتو نه پٽجي سگهيو آهي، سيد نويد جي وارنٽ موجب سيد نويد ساحل پوليس اسٽيشن، ظفر اقبال سائٽ سپرنٽنڊنٽ وي ۽ اعزاز حسن ناظر آباد مان گر آهن. عدالت جاچ آفيسر کي هدايت ڪئي ته گر ٽيل شهرين جي ڳولا جاري رکي وڃي، جڏهن ته عدالت گر ٽيل شهرين جي بازيابي لاءِ سنڌن ٽيوريون سوشل ميڊيا تي نشر ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. عدالت گر ٽيل شهرين جي بازيابي لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ۽ جديد ورائٽس استعمال ڪرڻ جي به هدايت ڪري ڇڏي. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي آءِ پي جاچ ڪان آڇپائي رپورٽ طلب ڪري ورتي. عدالت ٻڌڻي 8 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

لاپتا ماڻهن بابت ڪميشن رپورٽ ۽ قانون جي گهرج

ملڪ ۾ مسنگ پرسنز جو ڪيس ڏکر ۾ آڇڻ ان لحاظ کان بهتر ڳالهه آهي ته اهو آخر ڪار ملڪ جي عدالتن وٽ وري زير غور ايندو. هڻڻ ته ائين گهرجي ته هڪ انسان جي حياتيءَ کي اهميت ڏيندي ملڪ جي سڀني اختيارين کي هن ڪيس کي اولين ڏيندي، ان تي بحث ٽيڻ گهرجي ۽ ان جي سمورن پاسن کي ڏسندي ان جو عمل جوڳو حل ڳوليو وڃي. پر بدقسمتيءَ سان ملڪ ۾ لکيل آئين تي عمل نٿو ٿئي جنهن ڪري نه رڳو هي پر اهڙا ڪيترائي ڪيس آهن جن کي گهٽو اهم نه سمجهيو ويندو آهي.

ملڪ ۾ گم ٽيل ماڻهن جي لاءِ سرڪار پاران جوڙيل ڪميشن به آخر ڪاري پنهنجي جوڙيل رپورٽ آڏو آندي آهي، جنهن ۾ اچرج جهڙيون ڳالهيون بيان ڪيل آهن. مثال طور ڪيترن ئي مسنگ پرسنز ڪيسن ۾ پراوڊڪشن آرڊر جاري ڪرڻ باوجود انهن تي عمل نه ٿيو آهي. اهڙي ريت اها به عجب ڳالهه آهي ته 994 ماڻهون تحويل ۾ ۽ 644 ماڻهون جيلن ۾ آهن. بهرحال ان سلسلي ۾ جڏهن ملڪ جي قانون ۾ چٽي هدايت موجود آهي ته پوءِ ان جو حل چو نه پيو نڪري؟

عدالتي حڪم تي مسنگ پرسنز ڪميشن سموراً تفصيل اتاري جنرل وٽ جمع ڪرائي چڪي. مسنگ پرسنز ڪميشن جي رپورٽ موجب ڪي پي ڪي مان گر ٽيل ماڻهن جا سڀ کان وڌيڪ 3485 ڪيس رپورٽ ٿيا. ڪي پي مان شهرين جي گم ٽيڻ جو سبب بدامني ۽ ڊرون حملن ۾ فوتگيون آهن، جڏهن ته بلوچستان مان شهرين جي جبري گمشدگي جا 2752 ڪيس رپورٽ ٿيا. 994 ماڻهون تحويل ۾ آهن ۽ 644 ملڪ جي جيلن ۾ آهن.

رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته جنگي حالتن ۾ ڪٽنب کي آگاهه ڪرڻ ڪانسواءِ پرڊيهه وڃڻ به جبري گمشدگين جو هڪ سبب آهي. رپورٽ موجب گر ٽيل ماڻهن کي پيش ڪرڻ لاءِ 744 پروڊڪشن آرڊر جاري ڪيا ويا، جن مان رڳو 52 تي عمل ٿيو. ڪميشن پاران جاري ڪيل 692 پروڊڪشن آرڊرن تي لاڳاپيل اختيارين عمل نه ڪيو. پوليس ۽ حساس ادارن طرفان 182 پروڊڪشن آرڊرز تي نظرثاني جي درخواست ڏني وئي. جڏهن ته عمل ۾ نه ايندڙ پروڊڪشن آرڊرن مان 503 کي پي جا آهن.

رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته مارچ 2011 کان ڊسمبر 2023 تائين 4413 گم ٽيل ماڻهو گهر واپس پهتا، 994 گم ٽيل ماڻهو مختلف تحويلي مرڪزن ۾ قيد آهن ۽ 644 گم ٽيل ماڻهو ملڪ جي مختلف جيلن ۾ قيد آهن. رپورٽ موجب مارچ 2011ع کان ڊسمبر 2023ع تائين 261 گم ٽيل ماڻهن جا لاش مليا، ڪميشن 1477 ڪيسن کي جبري گمشدگي نه ڄاڻائي رد ڪيو، جيڪي ڪيس خارج ٿيڻا آهن اهي پٽي عيوض اغوا، ذاتي دشمني يا پاڻمراد و گمشدگي جا ڪيس هئا.

رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته پنجاب جا 260، سنڌ جا 163، ڪي پي ڪي جا 1336، بلوچستان جا 468، اسلام آباد جا 55 ۽ آزاد ڪشمير جا 15 ڪيس التوا ۾ آهن.

رپورٽ موجب گم ٽيل ماڻهن جي ڪميشن ۾ مجموعي طور تي 35 آفيسر ۽ ملازم مقرر آهن. ڪميشن جي آفيسرن ۽ ملازمن جي ماهوار پگهار 15 لک کان وڌيڪ آهي، ڪميشن جي سربراهه جاويد اقبال 6 لک 74 هزار، ميمبر ضياءُ پرويز 8 لک 29 هزار جڏهن ته ڪميشن ميمبر امان الله خان 11 لک 39 هزار ۽ شريف ورڪ 2 لک 63 هزار روپيا ماهوار ونندا آهن.

مسنگ پرسنز جي ڪميشن پاران سامهون آيل رپورٽ ايان عدالت ۾ پيش ٽيٽي آهي، جنهن تي ملڪ ۾ لاڳو قانون موجب فيصلو ته بهرحال عدالت ڪي ڪرڻو آهي، اسان گذارش ڪرڻ ٿا چاهيون ته، انهن سمورن ماڻهن کي ملڪ جي عدالتن ۾ پيش ڪري انهن متان قانون موجب ڪيس هلائي ڪري انهن سان سندن حيثيت موجب انصاف ڪيو وڃي. ملڪ جي قانون موجب هڪ ملزم ڏوهه ثابت ٿيڻ تائين قانون جو لاڏلو پٽ هوندو آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي ته ان تي لاڳو ڪيل الزام ثابت ٿيڻ تائين هن جي سمورن انساني حقن جو تحفظ ڪرڻ پڻ قانون جي ذميواري آهي.

توقع ڪجي ٿي ته ملڪ جي عدليه سميت سموراً اسٽيڪ هولڈر هن نازڪ ڪيس کي اهميت ڏيندي، ان جي مختلف پاسن تي غور ڪري ملڪ ۾ مسنگ پرسنز بابت موجود گڻتي جو احساس ڪندي ان کي بهتر ۾ قانون جي حدن ۾ اڪلاڻڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندا.

تعليم جي اهميت ۽ ماهيت

طفيل مگسي

تعلم جي اهميت جو هن گالهه مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن تي سورت العلق جون جيڪي پهريون پنج آيتون نازل ٿيون هيون، سي علم جي متعلق آهن.

"(اي محمد صلي الله عليه وسلم!) پروردگار جو نالو وني پڙهه جنهن (سارو جڳ) پيدا ڪيو. جنهن انسان کي رت جي هڪ ڊڳ مان پيدا ڪيو. پڙهه ۽ تنهنجو پروردگار ڏاڍو سخيرو آهي. جنهن (انسان کي علم) قلم جي ذريعي سيکاريو ۽ انسان کي اهي ڳالهيون سيکاريون جنهن جو هن وٽ علم نه هو."

، حديث ۾ آهي ته علم حاصل ڪيو ۽ ان کي ماڻهن تائين پهچايو. هڪ ٻئي حديث شريف ۾ آهي ته علم جي طلب هر مسلمان تي فرض آهي.

اهڙي ريت، بدر جي مشهور جنگ ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جنگ جي دوران قيد ٿي آيل غير مسلمانن کي جيڪو شخص اسان جي ڏهن مسلمانن کي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکارينڊو، ان کي آزاد ڪيو ويندو. تنهن کان سوا، پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن هن دنيا ۾ معلم بڻائي موڪليا ويا هئا، سندن سموري حياتي انسان ذات کي علم سيکارينڊي گذري. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي سموري حياتيءَ ۾ علم حاصل ڪرڻ جي تمار گهڻي تاڪيد ڪئي آهي. سندن ارشاد فرمان آهي ته پينگهي کان وني قبر تائين علم حاصل ڪريو. هڪ بئي جاءِ تي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد فرمان آهي ته پنهنجي سموري حياتي علم حاصل ڪرڻ ۾ گذاريو. تنهنڪري انسان ذات جا سڀ کان وڏا محسن پاڻ به سدائين هي دعا گهرندا هٿا: "اي الله! منهنجي علم ۾ واڌارو عطا فرماءِ." اهڙي طرح، نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن وڌيڪ فرمايو آهي ته علم حاصل ڪريو. توڙي جو اوهان کي ان لاءِ چين وڃڻو پوي.

بيشڪ علم حاصل ڪرڻ سان انسان ۾ ساڃاڻ پيدا ٿئي ٿي، جنهن جي وسعت سان انسان پاڻ سڃاڻڻ سان گڏ پنهنجي رب پاڪ کي سڃاڻي ٿو. علم انسان کي وڏي درجي تائين پهچڻ ۾ سهولت پيدا ڪري ٿو. علم جي ڪري تعليم سماج جي سڌاري ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. انسان جي رويي ۾ جيڪا تبديلي اچي ٿي سا تعليم کان سواءِ ممڪن نه ٿي سگهي. چو ته انسان شعور علم مانجهان ئي حاصل ڪندو آهي. جيڪڏهن انسان وٽ علم نه هجي ته هو جانورن ۽ حيوانن جي مثال آهي. اها حقيقت آهي ته علم انسان جي ٽين اک آهي. انهيءَ اک سان آسين حق ۽ ناحق، سچ ۽ ڪوڙ، سٺي ۽ خراب، نيڪي ۽ بديءَ جي سڃاڻپ ڪرڻ جي قابل بڻجي سگهون ٿا. اهڙي طرح، علم انسان مان وڏائي کي ختم ڪري نهائتي ڪرڻ پڻ سيکاري ٿو. تعليم انسان کي سماج ۾ باعزت ۽ بامقصد زندگي گذارڻ جو اعلي درس ڏئي ٿي. جيڪو هڪ مهذب ۽ پڙهيل ڪيل قوم جي اڀرندڙ سڀ کان ڏوڪڙ ڪامياب زندگي گذارڻ جي منصوبابندي ٿئي آهي.

مولانا ابوالڪلام آزاد جو چوڻ آهي ته مان گلن جو عاشق ناهيان پر ان سڪل ٻج جو ڪوٺاگر آهيان جنهن جو هڪ ڏاڙهو پوروبا ۾ پيدا ڪري سگهي

جين جي هڪ مشهور چوٽي آهي ته جيڪڏهن توهان هڪ سال جي منصوبابندي ڪرڻ چاهيو ٿا ته جانور پوکيو. هڪ ڏهاڪي جي منصوبابندي ڪرڻ چاهيو ٿا ته وڻ پوکيو. ڪامياب زندگي گذارڻ جي منصوبابندي ڪرڻ چاهيو ٿا ته ماڻهن کي تعليم ڏيو. اها حقيقت آهي ته، تعليم ڪامياب زندگيءَ جي راه کي هموار ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. تعليم ڪامياب، خوشحال ۽ پرسڪون زندگي گذارڻ سان گڏوگڏ ڪنهن به قوم کي مهذب بڻائڻ ۾ هڪ اهلي

بقايا | سنڌيار | 01

استيشن تي انتظامن ۽ سهولتن جي فراهمي جو جائزو ورتو، جنهن ۾ گوٺ خدا بخش جاڱڻ پرائمري اسڪول، دين محمد سنگراسي پرائمري اسڪول ۽ تاج محمد راجڙ ۽ بيسڪ هيلٿ يونٽ ۽ يونين ڪائونسل جي بلڊنگز جو معائنو ڪيو ويو. گوٺ خدا بخش جاڱڻ جي اسڪول ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان ڊويزنل ڪمشنر ايجوڪيشن ورڪس ڪاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهو ڪم هڪ هفتي اندر مڪمل ڪري سمورن پولنگ استيشنن تي معذورن لاءِ ريمپ لڳايو وڃي. سانگهڙ ضلعي جي دوري دوران ڊويزنل ڪمشنر سول اسپتال سانگهڙ جو دورو ڪيو جتي هن مريضن کي فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن سميت درڻن جي فراهمي جو جائزو ورتو. ڪمشنر شهيد بينظير آباد ايجوڪيشن ورڪس ڪاتي جي آفيسرن کي سختي سان هدايت ڪئي ته هو سمورن پولنگ استيشنن جي بيهر چڪاس ڪن ۽ پولنگ استيشنن کي سمورين سهولتن سان آراسته ڪن. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 1 محمد سليم جتوئي، سپريڊينٽنڊ انجنيئر ايجوڪيشن ڪمشنر شفيق احمد جٽڻ، ايڪسين سانگهڙ غلام مجتبيٰ ڏاهري، اسسٽنٽ ڪمشنر چام نواز سيد عمار حسين، محمد علي شاهه، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر فيض محمد مري ۽ ايجوڪيشن ورڪس ڪاتي جي ٽيڪنيڪل ٽيم سميت هين ڪاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا | سنڌيار | 02

سال ڪان گهٽ عمر وارن پارڙن جي والدين کي ڪي اپيل ڪئي ته هو پنهنجن پارڙن کي هر پوليو مهر دوران پوليو ڪان ٻچاڻ جا ۽ قطرا ضرور پيارين ته جيئن پارڙا هن موذي مرض کان محفوظ رهن هن جيوت. گڏيل ڪوششن سان اسان پوليو کي شڪت ڏئي سگهون ٿا

بقايا | سنڌيار | 03

وفد جو سنڌ زرعي يونيورسٽي جو دورو ڪيو، وفد ۾ سائنا آڳاڻي ڊاڪٽر خير محمد ڪولاچي، ڊاڪٽر مبشر ملڪ، عبدالجبار لاشاري ۽ ٻيا شامل هئا. وفد دوري دوران سنڌ زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح مري، مختلف فيڪلٽيز جي ڊينز ۽ مختلف شعبن جي سربراهن سان ملاقات ڪئي ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، وفد سان گڏ الهائيندي سنڌ زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح مري چيو ته سنڌ زرعي يونيورسٽي جا قومي ۽ بين الاقوامي اهليٰ تدريسي ۽ تحقيقي ادارن سان مختلف تحقيقي ۽ ٽيڪنالاجي جي ميدانن ۾ گڏيل سهڪار جاري آهي، جڏهن ته يونيورسٽي ۾ مارڪيٽ گهرجن پٽاندڙ جديد نصاب ۽ ڊگري پروگرامز شروع ڪيا ويا آهن. مختلف فصلن جي نئين جنسن تورڻ موسمي تبديلين کي نظر ۾ رکندي تجربا ڪيا پيا وڃن، سانا ڪنيڊا ڇيٻرتر جي آڳاڻي ڊاڪٽر خير محمد ڪولاچي ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ تدريسي، تحقيقي ۽ تربياتي ڪمن تي خوشي جو اظهار ڪندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح مري ۽ تدريسي عملي جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ چيو ته سنڌ زرعي يونيورسٽي ڪي قومي يونيورسٽي جو درجو حاصل آهي ۽ بين الاقوامي معاهدن سان سنڌ زرعي يونيورسٽي هاڻي عالمي ادارن سان گڏيچاڻ ٿي آهي، هنن اعلان ڪيو ته ڪينيڊا جي يونيورسٽين ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي جي گريجوئيٽس لاءِ اهليٰ تعليم ۽ روزگار جي موقعن بابت 24 جنوري تي آڪسي سيمينار منعقد ٿيندو.

بقايا | سنڌيار | 04

سدائين سنڌ جي ساحلي پٽي سميت مقامي ماڻهن جي مسئلن ڪي اهلي ايوان تائين پهچائڻ ۽ ڪردار ادا ڪيو آهي، اميد آهي ته اهي نوان جنڊيل عهديدار توڙي نٽي ضلعي جا سمورا صحافي پڻ پنهنجي ڪيميرا جي آڳ ۽ قلم ذريعي عوام جا اهنج گهٽائڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا رهندا. سسئي پليجو مڪلي، نٽي ميرپور ساڪرن، ڪوهار ڊاهيچي، ڀاڳومل جنگشامي پريس ڪلب جي عهديدارن ڏانهن ڪو ورتو وڃي ٿو ۽ ملازمن کي اظهار ڪندي جيئن ته هو پنهنجي قلم وسيلي حق سچ لکي هتان جي عوام جو آواز اهليٰ ايوانن تائين پهچائيندا رهندا.

بقايا | سنڌيار | 05

جي نامزد پ پ اميدوار شاهد خان ٽهيرپ پ تعلق شهدادپور جي صدر رئيس زوالفقار علي زرداري رئيس فهد خان وسا سائين خير شاه ستي صدر چاچا مشتاق احمد قريشي جنرل سيڪريٽري منور علي ابڙو راڻا انور جمال راجپوت راڻا دلشاد راجپوت راڻا عبدالرازق راجپوت محمد عامر شيخ ابو محمد سرمد سميت پيپلز پارٽي جي آڳاڻن ۽ ورڪرز ڪارڪنن ڪي شهدادپور جي هائوسنگ سوسائٽي ۾ سوسائٽي اتحاد پاران آجيائو ڏنو ويو پر وقار تقريب دوران پٽي برادري، راجپوت برادري، سميت ايڊووڪيٽ معين پٽي، محمد قرحان راجپوت، زاهد رضا راجپوت ۽ شهدادپور سوسائٽي اتحاد جي آڳاڻن ۽ ٻين معززين جي ڊي اي سمت مختلف سياسي پارٽين کي الواع ڪري پ پ اميدوارن جي مڪمل حمايت جو اعلان ڪندي باقاعده پيپلزپارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪري چڊيو شهدادپور سوسائٽي اتحاد جي آڳاڻن خطاب ڪندي چيو ته اسان مختلف جماعتن کي آزمايو خبر پئي ته پيپلز پارٽي کان سواءِ ڪنهن ٻئ ۾ عوام جي خدمت جو پروگرام ناهي، انشاءالله عام چونڊن ۾ پيپلز پارٽي اميدوارن جي ڪاميابي يقيني آهي، هنن پي ايس 44 ۽ پي اي 210 تي پنهنجي پرپور حمايت جو اعلان ڪيو ته 8 فيبروري اليڪشن جي ڏينهن رڳو تير تي نيا هٿياءِ پ پ اميدوارن کي ووٽ ڏئي اڪثريت سان ڪامياب ڪري مخالفن کي عبرتناڪ شڪست ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر فيض محمد مري ۽ ايجوڪيشن ورڪس ڪاتي جي ڪاميابي لاءِ دعا گو آهن.

بقايا | سنڌيار | 06

محمد پديل، جام محسن، امتياز ميمڻ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جيوت ته اسان جي ملازمن ڪان موڪلن واري ڏينهن ته ڪم رڳو وڃي ٿو ۽ ملازمن کي ڏورانهن علاقن ڏانهن ڪم ورتو وڃي ٿو پر ان باوجود ملازمن کي ڪو به ٽي اي نه ڏيو ڏينهن وڃي ڪو به بونس يا الائونس ناهي، واپڊا جا ملازم پنهنجي جان جي خطري ۾ وجهي پنهنجو فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن پر ان جي باوجود اسان جا جائز مطالبا تسليم نه ڪيا پيا وڃن ۽ ان جي برعڪس واپڊا کي نجڪاري ڪرڻ جو بندوبست ڪيو پيو وڃي، جيڪا ملازمن سان وڏي ناانصافي آهي. احتجاج ڪندڙن نگران وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي ملازمن جا جائز مطالبا مڃيا وڃن ۽ واپڊا جي ممڪنه نجڪاري جو فيصلو واپس ورتو وڃي. پي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 07

چاپا مار ڪارروائي ڪرياسگل ٽيل ايراني پيٽرول هٽ ڪري ورتو آهي، وڏي مقدار ۾ اسمگل ڪيل ايراني پيٽرول فلور مل اندر ڳجهي ٽينڪ ۾ جمع ڪيو ويو هو. جتان غيرقانوني طور اسمگل شده ايراني پيٽرول پي ايس او ڪانٽريڪٽر ڪيريج ٽينڪرن ذريعي مختلف علاقن جي پي ايس او پمپ مالڪن کي وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف ٽيو آهي، ان ڏس ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪسٽم انٽيليجنس عملدارن سکر ضلعي انتظاميا ۽ پوليس آفيسرن سان گڏجي علي واهڻ ۾ هڪ فلور مل تي ڇاپو هنيو ويو. آپريشنل ڪارروائي دوران فلور مل اندر ناهيل ٽينڪ مان 50 هزار ليٽر ڪان وڏيڪ اسمگل ٽيل ايراني پيٽرول ضبط ڪري پن ڊرائيورن سميت فلور مل جي چئن ملازمن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي، جڏهن ته فلور مل ٻاهران بيئل ٽينڪرن ۾ ويئل ڊرائيور ۽ ڪلينر چاپا مار ڪارروائي جي ڪڙڪ ٻوڙ تي ٽينڪر ڇڏي فرار ٿي ويا. ڊرائيورن جي فرار ٿي وڃڻ ڪري ٽينڪرن کي تحويل ۾ ورتو ويو آهي.

بقايا | سنڌيار | 08

ريلي چوٽياريون پهتي ۽ آڳتي لٽڪوموري کا سانگهڙ طرف روان ڏانهن چوٽياريون ۾ ريلي جي استقبال لاءِ مين روڊ تي مختلف آڳاڻن طرفان استقبالي ڪيمپون قائم ڪيون ويون ريلي ۾ نويد ڈيرو پارس، ڈيرو علي حسن هنگورجو، علاءُ الدين جوٽيجو، شاهد نظاماڻي، فاروق عرف ڪاڪا نظاماڻي سميت ضلعي سانگهڙ جا آڳاڻ شامل هئا چوٽياريون موڙ تي سنڊس ڪلن جي ورڪا سان استقبال ڪيو ويو

بقايا | سنڌيار | 09

برآمد ڪيس داخل تفصيل موجب ايس ايس پي بدين مير روحل خان ڪوسو جي منشيات خلاف مهم جي سلسلي ۾ ايس ايڇ او شهيد فاضل راهو ابراهيم بوزدار ڪاروائي ڪندي مجاهد چانگ کي 15 رسڪي بوتلن سميت ۽ نور علي شاهاڻي کي 3300 ڪلوگرام سميت گرفتار ڪري ورتو ايس ايڇ او ڪوسڪي بشير ملاح ديسي شراب سميت پي ٻي تي چاپو هڻي 470 ليٽر ڪچو شراب برآمد ڪري جوابدار بلي مالڪ ميگهر کي گرفتار ڪري ورتو سي آءِ اي پوليس بدين جي حد ۾ ڪاروائي ڪندي الڪو خاصخيلي کي گرفتار ڪري 1000 ڪلوگرام منشيات برآمد ڪري ورتي ايس ايڇ او ينگيرو يعقوب جڪرو ڪاروائي ڪندي نبن شاهه کي گرفتار ڪري ڏيڊ ڪلو چرس برآمد ڪري ورتو سمورن گرفتار جوابدارن جي خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا | سنڌيار | 10

ايس 81 تڪ ميڇ جي اميدوار لياقت علي جتوئي، اين اي 227 ميڇ ڪي اين شاهه اميدوار ڪريم علي جتوئي ۽ ٻين وڏي قافلي سان سنڌ جي هيرو شهيد مخدوم بلاول رح جي درگاهه تي گلن جي چادر چاڙهي اليڪشن مهم جي شروعات ڪئي، ان موقعي تي لياقت جتوئي صحافين سان گالهائيندي چيو ته. پيپلزپارٽي ضلعي اداري ۽ ڏار پٽجي رهيا آهن برادرين کي گمراهه ڪيو پيو وڃي، آسان پراميد آهيون هن واري رڳو جي ڊي اي هوندي هاڻ گهٽو برداشت ڪيو آهي هي هر واري ڏانڊلي ڪري پنهنجي ڪاميابي جو اعلان ڪن ٿا هاڻ چپ نه ڪري ٻيهو محترمه جي شهادت وقت پيپلز پارٽي ختم ٿي وئي هاڻ زرداري ليگ آهي جيڪا صرف ڪرپٽ ماڻهن جو ٽولو آهي، جن صرف ڪرپشن ڪئي آهي، پيپلز پارٽي دادو جوهي اين اي 228 جي اميدوار رفيق احمد جمالي گورڪ جي نالي تي مبينا 24 ارب ڪائي ويو ۽ ٽوئل 300 ارب جي ڪرپشن ڪئي اٽڪين جنهن جي صدر آهي ۽ پيا نڊايا ۽ سينئر صدر آهن جن سولر بندن جي مرمت، عشره زڪوات، ڊرينج، پيٽ واري صاف پاڻي جي نالي تي 15 سالن ڪان اربين روپيا هڙپ ڪيا آهن. سنڌن خلاف 3 اليڪشن وڙهيون آهيان هي جوز دروازي ڪان ايندا آهن ضلعي جي عوام هنن ڪي رد ڪري ڇڏيو آهي، اج هن سنڌ جي سيوت عظيم بزرگ شهيد مخدوم بلاول جي مزار تي واعدو ڪيو اٿم جنهن وقت تائين غريب پورهيتن، هارين، بيواهن، بي پچ ماڻهن جي هن ڪرپٽ ٽولي مان جان آجي نه ڪرائيندس ان وقت تائين سڪ جو ساهه نه ڪنڊس، 1990 ۾ جن جا ڪچا گهر هيا هاڻ انهن جي ڪروڙين روپين جا بنگلاءِ سوين ايڪڙ زمين ڪنان آيون آهن، هاڻ 7 ڪروڙ گاڏين ۾ گهمن ٿا. دادو ضلعي جي اسڪولن تي پي پي جي ووڊرن جا قبضا آهن، هن واري پي پي وارن جي سياسي شڪست ڏئي ضلعي جي 17 لک عوام کي هنن جي ظلم کان نجات ڏياري ريندي، پوري سنڌ لاءِ زرداري ليگ ڪينسر آهي جنهن جي هوندي ٽي دادو سيمت سنڌ جي عوام سڪ جو ساهه نه ڪنڊندي، هن جيو وڏيڪ جيو ته دادو ضلعي جي 2 قومي تڪن ۽ 4 صوبائي تڪن تي جي ڊي اي جا اميدوار ميدان ۾ آهن هن واري پي پي وارن جي شڪست مقدر بڻيل آهي، هن آڪهه ڪيو آهي جنهن جو ازالو 100 سالن تائين ٽيٽ مشڪل آهي، محترمه بينظير پٽوجا ڪارڪن پڻ هنن جي خلاف آواز بلند ڪن ۽ سچي سنڌ ۾ هنن جي رستا روڪ ٽيڪ واري آهي، سنڌ جو عوام سنڌن کي سجاڻي چڪواڻي، دادو ضلعي اندر صحافين ڪي حق سچ لکڻ تي تشدد ڪرايو پيو وڃي دادو پوليس ونگاري بٽجي قلم وسيلي ڪي حراسان ڪرڻ بند ڪري هاڻ دادو ضلعي اندر پ پ کي تف تائيم ملڻ جا امڪان پڻ موجود آهن. بجارائي سان جي يو آءِ اميدوار ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي مقابلو ڪندو اين اي 193 شڪارپور لکي ڪڙهي ياسين ٽي پ پ اميدوار شهرير مهر سان جي يو آءِ اميدوار مولانا راشد محمود سومرو سان ٽيندو جڏهن ته صوبائي سيٽن تي پي ايس ست پ پ اميدوار امتياز شيخ سان تازو جي يو آءِ ۾ شامل ٽيندڙ آغا تيمور پناڻ سان مقابلو ٽيندو پي ايس 08 تي پ پ اميدوار عارف خان مهر سان جي يو آءِ اميدوار مير عابد حسين جتوئي سان ٽيندو پي ايس 09 تي پ پ اميدوار آغا سراج درائي سان جي يو آءِ اميدوار مفتي رشد الله شاهه امروٽيءَ جو مقابلو ٽيندو. تفصيل موجب پوري ملڪ خاص ڪري سنڌ ۾ اليڪشن جو سرگرميون باضابطا طور تي شروع ٿي ويون آهن مختلف پارٽين جا اميدوار پنهنجن پنهنجن حلقن ۾ شهرن ۽ گوٺن ۾ وڃي اليڪشن جي ورڪ ڪري رهيا آهن ۽ ووٽ ۽ سپورٽ حاصل ڪرڻ لاءِ شهرين ۽ گوٺائن جي درن تي ٻهڪي رهيا آهن هڪڙي پاسي اقتداري ڏر پ پ آهي جنهن مسلسل سنڌ تي 15 سال حڪومت ڪئي آهي ٻي پاسي سندس جي مقابلي ۾ جي يو آءِ به پنهنجا مضبوط اميدوار سامهون آندا آهن جنهن جي ڪري ضلعي شڪارپور جي اندر پ پ جي تف تائيم ملڻ جا امڪان پڻ موجود آهن. بجارائي سان جي يو آءِ اميدوار ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي مقابلو ڪندو اين اي 193 شڪارپور لکي ڪڙهي ياسين ٽي پ پ اميدوار شهرير مهر سان جي يو آءِ اميدوار مولانا راشد محمود سومرو سان ٽيندو جڏهن ته صوبائي سيٽن تي پي ايس ست پ پ اميدوار امتياز شيخ سان تازو جي يو آءِ ۾ شامل ٽيندڙ آغا تيمور پناڻ سان مقابلو ٽيندو پي ايس 08 تي پ پ اميدوار عارف خان مهر سان جي يو آءِ اميدوار مير عابد حسين جتوئي سان ٽيندو پي ايس 09 تي پ پ اميدوار آغا سراج درائي سان جي يو آءِ اميدوار مفتي رشد الله شاهه امروٽيءَ جو مقابلو ٽيندو. تفصيل موجب پوري ملڪ خاص ڪري سنڌ ۾ اليڪشن جو سرگرميون باضابطا طور تي شروع ٿي ويون آهن مختلف پارٽين جا اميدوار پنهنجن پنهنجن حلقن ۾ شهرن ۽ گوٺن ۾ وڃي اليڪشن جي ورڪ ڪري رهيا آهن ۽ ووٽ ۽ سپورٽ حاصل ڪرڻ لاءِ شهرين ۽ گوٺائن جي درن تي ٻهڪي رهيا آهن هڪڙي پاسي اقتداري ڏر پ پ آهي جنهن مسلسل سنڌ تي 15 سال حڪومت ڪئي آهي ٻي پاسي سندس جي مقابلي ۾ جي يو آءِ به پنهنجا مضبوط اميدوار سامهون آندا آهن جنهن جي ڪري ضلعي شڪارپور جي اندر پ پ جي تف تائيم ملڻ جا امڪان پڻ موجود آهن. بجار